# فرشتن جي

## نيڪ اِجتماعن سان محبّت

09-April-2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

9 اپريل 2026ع (بمطابق: 20 شوال شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

قرآني بيان

بنام

# فرشتن جي نيک اِجتماعن سان محبّت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ

- ... ڏِيني اجتماع ۾ فرشتا ايندا آهن
- ... زندگيءَ جو اهم ترين مقصد
- ... هڪڙي جو روئڻ سيني جي ڪم اچي ويو
- ... ڏِيني اجتماع جا ڏِيني ۽ دنياوي فائدا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنه کان روايت آهي تہ، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪي ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهن پر رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف نہ پڙهن، اُهي جيتوڻيڪ جنت ۾ داخل تي بہ وڃن، تڏهن بہ اُها مجلس سندن لاءِ حسرت جو سبب هوندي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ **مجلس** جو لفظ استعمال ٿيو آهي، جنهن جو مطلب آهي: ويهڻ جي جاءِ. مجلس صرف اجتماع يا وڏي محفل کي ئي نہ چئبو آهي، پر اسان عام طور تي پنهنجن دوستن سان ويهندا آهيون، گهر وارن سان ويهندا آهيون، عزيزن ۽ رشتيدارن سان ويهندا آهيون. مطلب تہ جڏهن بہ ٻہ يا چار ماڻهو گڏجي ويهن، انهن کي گهرجي تہ وڏيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهي وٺن. جيڪڏهن نہ پڙهيائون تڏهن بہ جيتوڻيڪ گناهہ نہ بہ ٿئي، البت هي درود پاڪ کان خالي محفل سندن لاءِ حسرت جو سبب تہ ٿي ئي ويندي.

[1] سنن کبریٰ للنسائی، جلد:9، صفحہ:157، حديث:10171۔

## اجتماع ۾ درود پاڪ پڙهڻ جي فضيلت

هُونئن درود شريف اسان کي تنهائي ۾ به پڙهڻ گهرجي، ڪثرت سان پڙهڻ گهرجي، البت! اجتماعي طور درود پاڪ پڙهڻ جون الڳ ئي فضيلتون آهن. شيخ شعيب حَرِيْفِيش رحمۃُاللہِعلیہ لکن ٿا: جنهن اجتماع ۾ درود پاڪ پڙهيو ويندو آهي، اُتان پاڪيزه خوشبو اُٿندي آهي، ايسيتائين جو اُها آسمان جي بلنديءَ تائين پهچي ويندي آهي. ملائڪ چوندا آهن: هيءَ اُن اجتماع جي خوشبو آهي جنهن ۾ محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهيو ويو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! درود پاڪ جي برڪتن تان به قربان وڃجي...!! ڳڙوڳڙ ملائڪن جي عشقِ رسول تي به هزار ڀيرا سِر فدا ڪجي...!! ڪهڙو نه باڪمال عشق آهي، ٻانهي جيڪو درود پاڪ پڙهيو، اُن درود شريف مان ڪهڙي قسم جي خوشبو نڪرندي آهي، ملائڪ اُن خوشبوءَ جي به سڃاڻپ رکندا آهن. هن مان هي به معلوم ٿيو ته ذڪر اذڪار، نعت، بيان ۽ سمورن سٺن ڪلمات جي خوشبو هوندي آهي، پر قربان وڃجي! درود پاڪ جي خوشبو سڀ کان جدا، ممتاز ۽ الڳ شان واري هوندي آهي. الله پاڪ اسان کي تنهائي ۾ به ۽ اجتماعي طور تي به ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| جس کی خوشبو بہارِ خُلد بسائے | ہے وہ محبوبِ گُل عِذار دُرود |
| سر سے پا تک کروڑ بار سلام | اور سراپا پہ بے شمار دُرود |

---

[1] الروض الفائق، المجلس الرابع و الخمسون...الخ، صفحہ:319۔

شہریارِ رُسُل کی نذر کروں | سب دُرودوں کی تاجدار دُرود [1]

اچو تہ سيئي گڏجي اجتماعي طور تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي وٺون ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتعملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو ڪم اسان هن وقت ڪري رهيا آهيون، يعني اسان سڀ هڪ ديني اجتماع ۾ حاضر آهيون، قرآن پاڪ جي تلاوت سان هن اجتماعِ پاڪ جو آغاز ٿيو، پوءِ نعت شريف اسان ٻڌي، هاڻي بيان جو وقت آهي، ان کان پوءِ اسان دعائون ۽ درود پاڪ پڙهنداسين، ذڪر ٿيندو، الله پاڪ چاهيو تہ رقت انگيز دعا بہ ٿيندي، الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي لاءِ نيڪيون

---

[1] ذوقِ نعت، صفحہ:123-124 ملتقطاً۔

[2] ...بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

حاصل ڪرڻ جي لاءِ، علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ، ذڪر أذڪار جي لاءِ هن طرح جمع ٿيڻ جو هي جيڪو انداز آهي، اِهو صدين کان هلندو پيو اچي. اڄ اسان انهيءَ ئي نيڪ ڪم جون فضيلتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

اَلحمدُلِلّٰہ! خوش نصيب اسلامي ڀائر هر جمعي جي رات جوش ۽ خروش سان، شوق ۽ جذبي سان هفتيوار سنتون ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندا آهن، جيڪڏهن سندن اچڻ ۽ اجتماع ۾ ڪيل نيڪيون الله پاڪ جي رحمت سان قبول ٿي وڃن ۽ اسان اميد رکون ٿا، رکڻ به گهرجي ته هُو رحمٰن آهي، اسان جي هنن مختصر ڪوششن کي ضرور قبول فرمائيندو، جيڪڏهن قبول ٿي وڃن ته ڪهڙيون ڪهڙيون فضيلتون اسان کي نصيب ٿي سگهن ٿيون، اچو ته انهن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جو ذِهن نهي ۽ اسان استقامت سان هي نيڪ ڪم ڪندا رهون. سڀ کان پهريان حديث پاڪ ۾ بيان ٿيل هڪ خوبصورت واقعو ٻڌو!

## دِيني اجتماع ۾ فرشتا ايندا آهن

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَاللہُعنهما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن رواحه رَضِیَاللہُعنه بيان فرمائي رهيا هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَاللہُعنهم ٻڌي رهيا هئا، ايتري ۾ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّیاللہُعَلَیۡہِوَآلِہٖوَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا.

اللہُاکبر! اُن باڪمال ديني اجتماع جو ڇا ته شان هوندو...!! هڪ ته اجتماع صحابه جو هو، مٿان وري نبين جا امام صَلَّیاللہُعَلَیۡہِوَآلِہٖوَسَلَّم به تشريف ڪٺي آيا. سُبۡحٰنَ الله!

چہرے پہ خُوشی چھاجاتی ہے، آنکھوں میں سُرُور آجاتا ہے
محفل میں تمہارے آنے سے ہر چیز پہ نُور آجاتا ہے

حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جڏهن پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ بيان روڪي خاموش ٿي ويا. محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عبد الله! بيان جاري رکو ...!! عرض ڪيائون: يَارَسُوْلَ اللّٰهِ! اَنْتَ اَحَقُّ مِنِّی يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! توهان ئي حقدار آهيو تہ بيان فرمايو (يعني توهان جي موجودگيءَ ۾ بيان ڪرڻ وارو مان ڪير ٿيندو آهيان ...!!). پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان ئي تہ اُها جماعت آهيو جن سان پاڪ کي مانوس ڪرڻ جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي. پوءِ پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمائي:

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ

(پارو: 15، سورة کہف: 28)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي جان کي انهن ماڻهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سڏيندا آهن.

ان کان پوءِ پاڪ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: زمين وارن مان جڏهن بہ ڪا جماعت يا ٽولو الله جي ذڪر جي محفل سجائيندو آهي (يعني ديني اجتماع جو اهتمام ڪندو آهي) تہ انهن سان گڏ ايتري ئي تعداد ۾ فرشتا بہ ويهي رهندا آهن، جيڪڏهن توهان جي جماعت سُبْحٰنَ الله چوندي آهي تہ فرشتا

به سُبْحٰنَ الله چوندا آهن، جيڪڏهن توهان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندا آهيو ته فرشتا به اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن توهان اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوندا آهيو ته فرشتا به اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوندا آهن. جڏهن اُهي بخشش جون دعائون گهرندا آهن ته فرشتا انهن تي آمين چوندا آهن، اجتماع جي اختتام کان پوءِ اُهي فرشتا پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا آهن توڙي جو الله پاڪ انهن کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي، پر پوءِ به (اجتماع سجائڻ وارن جي شان جو اظهار ڪرڻ لاءِ) الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! ڪٿان کان اچي رهيا آهيو؟ فرشتا عرض ڪندا آهن: اي مالڪ ڪريم! زمين تي تنهنجا ٻانها تنهنجي عبادت ڪري رهيا هئا، اسان به ساڻن گڏجي عبادت ڪئي، اُهي تنهنجو ذڪر ڪري رهيا هئا، اسان به ساڻن گڏجي تنهنجو ذڪر ڪيو، انهن تنهنجي حمد ڪئي، تنهنجي پاڪائي بيان ڪئي، تنهنجي ڪبريائي بيان ڪئي، اي مالڪ! توکان بخشش جون دعائون گهري رهيا هئا. ان تي الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! شاهد ٿي وڃو ته ...!! مان انهن کي بخشي ڇڏيو. فرشتا عرض ڪندا آهن: مولا...!! انهن ۾ فلاڻو شخص وڏو بدڪار آهي. الله پاڪ فرمائيندو آهي: هُمُ الْقَوْمُ لَا يَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُمْ اُها (يعني ذڪرُ الله لاءِ ديني اجتماع سجائڻ واري) اهڙي جماعت آهي جو انهن وٽ ويهڻ وارو به بدبخت نه رهندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو ته! ديني اجتماع ڪيڏا نه بابرڪت آهن...!! جيڪي انهن ديني اجتماعن ۾ ويهندا آهن، اُهي اڪيلا نه هوندا آهن، فرشتا به ساڻن گڏ ويهندا آهن، اُهي الله پاڪ جي حمد ڪندا آهن ته فرشتا به انهن سان گڏجي حمد ڪندا آهن، اجتماع ۾ اچڻ وارا الله پاڪ جو

[1] حلية الاولياء، جلد:5، صفحه:135، رقم:6603ـ

ذڪر ڪندا آهن تہ فرشتا بہ انهن سان گڏجي ذڪر ڪندا آهن ۽ قربان وڃجي! جڏهن اجتماع ۾ اچڻ وارا دعا لاءِ هٿ کڻندا آهن، روئي روئي پنهنجن گناهن جي معافي گهرندا آهن، الله پاڪ جي رحمت ۾ اميد سمجهي، بخشش جا طلبگار ٿيندا آهن تہ فرشتا سندن دعا تي آمين چوندا آهن.

توهان پاڻ اندازو لڳايو! جنهن دعا تي فرشتا آمين چئي رهيا هجن، اُن دعا جو ڪهڙو شان هوندو. هن ئي حديث پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، جڏهن اهڙي دعا ڪئي ويندي آهي، اجتماع ۾ بخشش گهري ويندي آهي تہ ان تي فرشتا آمين چوندا آهن ۽ الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! شاهد ٿي وڃو! مون انهن کي بخشي ڇڏيو آهي.

آج کے اس سنّتوں کے اجتماعِ پاک میں

جو بھی آیا بخش دے اس کو مرے پروردگار

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ مصطفيٰ ۽ سيرتِ صحابہ جو هي جيڪو واقعو اسان ٻڌو، ان مان اسان کي گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ مليو ٿو، جن مان 3 ڳالهيون عرض ڪيان ٿو:

## (1) اجتماع ڪرڻ وارن سان محبت ڪريو!

هن واقعي مان اسان کي معلوم ٿيو تہ جيڪي ماڻهو ديني اجتماع سجائيندا آهن، وقتاً فوقتاً الله پاڪ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ، علمِ دين سِکڻ سيکارڻ لاءِ، نيڪيون ڪرڻ لاءِ گڏجي ويهندا آهن، اهڙن ماڻهن سان دل لڳائڻ، انهن سان محبت ڪرڻ، انهن سان پاڻ کي مانوس رکڻ بہ ثواب جو ڪم آهي. ڏسو! پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ديني اجتماع سجائڻ وارن بابت هيءَ آيتِ ڪريمہ

تلاوت ڪئي:

وَ اصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَ الۡعَشِيِّ

(پارو: 15، سورة ڪهف: 28)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي جان کي انهن ماڻهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سڏيندا آهن.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جنهن موقعي تي هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمائي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديني اجتماع سجائڻ وارا بہ هن آيت جي تحت شامل آهن ۽ فرمايو پيو وڃي تہ جيڪي گڏجي ويهندا آهن ۽ الله پاڪ جي ذڪر ۾ مصروف هوندا آهن، پاڻ کي انهن سان مانوس ڪري ڇڏيو...!!

## مانُوس ٿيڻ جو مطلب

مانوس ٿيڻ جو مطلب هوندو آهي: دل لڳي وڃڻ، عادت پئجي وڃڻ، جيئن اسان وٽ ماحول بڻجي ويو آهي، الله ڪري اِهو ماحول بدلجي وڃي، ماڻهو موبائل سان مانوس ٿي ويا آهن، هڪ پيرو ڪٽن تہ رکڻ تي دل ئي نہ ڪندي آهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري ويندا آهن، پر احساس ئي نہ ٿيندو آهي. اِن کي مانوس ٿيڻ چئبو آهي.

معلوم ٿيو، جيڪي نيڪ اجتماع سجائڻ وارا آهن، ذڪر اَذڪار جون محفلون سينگارڻ وارا آهن، اُن نيڪ ڪم ۾ گناهن پريون ڳالهيون شامل نہ ڪندا آهن، خالص الله پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر اَذڪار ڪندا آهن، علمِ دين سکندا ۽ سيکاريندا آهن، انهن سان دل کي ائين مانوس ڪري ڇڏجي جو انهن جي عادت پئجي وڃي، دل ڪانئن ڪڏهن جدا ئي نہ ٿئي ...!! جڏهن اجتماع ۾

وجون، تڏهن ئي سڪون ملي، ان ڪان سواءِ دل کي چين ئي نہ اچي.

| | |
|---|---|
| دَرد اپنا دے اس قدر یاربّ! | نہ پڑے چین عمر بھر یاربّ! |
| ایسا مجھ کو گُما دے اُلفت میں | نہ رہے اپنی کچھ خبر یاربّ! [1] |

## (2) فرشتن جي نيڪ اجتماعن سان محبت

حديث پاڪ ۾ بيان ٿيل واقعي مان بہ ڳالهہ هيءَ سکڻ لاءِ ملي تہ نوراني مخلوق يعني الله پاڪ جا فرشتا بہ نيڪ اجتماعن سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن. علامہ نجم الدين غزّي رحمۃُ اللہِ علیہ ڏهين صدي هجريءَ جا بزرگ آهن، پاڻ فرشتن جي افعال ۽ عادتن تي تمام تفصيلي ڪلام ڪيو آهي، پاڻ لکن ٿا: مَحَبَّةُ مَجَالِسِ الذِّكْرِ، وَاِقْبَالُهُمْ عَلَيْهَا، وَحَنِيْنُهُمْ اِلَيْهَا، وَحَفُّهُمْ بِهَا، وَمَسَاعِدَتُهُمْ لِاَهْلِهَا فِي الذِّكْرِ، وَتَكْثِيْرُ سَوَادِهِمْ يعني ◈ محافلِ ذڪر (نيڪ اجتماعن) سان محبت رکڻ ◈ انهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ ◈ انهن اجتماعن جو انتهائي شوق رکڻ ◈ انهن جي چوڌاري جمع ٿيڻ ◈ انهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جي مدد ڪرڻ ۽ ◈ انهن جو تعداد وڌائڻ فرشتن جي عادتن جو حصو آهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! صرف نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت جي ڳالهہ نہ آهي، فرشتا چا چا ڪندا آهن: **(1):** نيڪ اجتماعن سان محبت رکندا آهن **(2):** اهڙن اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا آهن **(3):** هڪ اجتماع ختم ٿي وڃي تہ ٻيهر اُهو اجتماع ڪڏهن ٿيندو، ڪڏهن اُهي لمحا ايندا جڏهن ٻيو ڀيرو اجتماع ۾ شرڪت نصيب

[1] قبالۂ بخشش، صفحہ:102-103 ملتقطاً۔
[2] حُسْنُ التَّنَبُّہ، جلد:1، صفحہ:227۔

ٽيندي، فرشتا ان جو بہ انتهائي شوق رکندا آهن **(4):** جيڪي ماڻهو انهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا آهن، فرشتا انهن جي مدد ڪندا آهن **(5):** ۽ سندن تعداد وڌائڻ لاءِ اجتماعن ۾ شامل ٿيندا آهن، ساڻن گڏ ويهندا آهن، انهن سان گڏ ويهي تلاوت ۽ نعت ۽ بيانات ٻڌندا آهن، انهن سان گڏجي ذڪر اَذڪار ڪندا آهن ۽ سندن دعائن تي آمين چوندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ اجتماعن جي هن شان تي قربان وڃجي...!! ڀلا فرشتن جون دعائون وٺڻ، فرشتن جي صحبت ۾ ويهڻ جو هن کان آسان طريقو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ...؟ هي بہ غور فرمايو تہ هڪ ڀيرو اجتماع ختم ٿي وڃي تہ فرشتا ٻيهر اجتماع ۾ شرڪت جو انتهائي شوق رکندا آهن. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسان کي بہ نيڪ اجتماعن جو شدت سان انتظار رهڻ گهرجي، مثلاً اڄ هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع آهي، هي اجتماع ختم ٿي ويندو تہ اسان پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويندا سين، گهرن ڏانهن تہ موٽي وياسين پر دل پوءِ بہ اجتماع ۾ ئي رهي، جمعو آيو، ڇنڇر آيو، آچر آيو، دل مچلندي رهندي، تڙپ هجي تہ ڪڏهن ٻيهر جمعرات ايندي، ڪڏهن ٻيو ڀيرو هفتيوار سنتون ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جو موقعو نصيب ٿيندو...!! ڪاش! اسان کي اِهاَ نعمت، اِهاَ سٺي ۽ نيڪين ڀري تڙپ نصيب ٿي وڃي.

ذِکر حضورِ پاک ہے میرے لیے غذائے رُوح

قلب کا چین اسی سے ہے کہیے اسے دَوائے رُوح

## اڇو.....!! توهان جي گهربل شيءِ هتي آهي

بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جا ڪجھ فرشتا آهن جيڪي زمين ۾ گھمندا رهندا آهن، اُهي ڪِھتين جا چڪر لڳائيندا رهندا آهن، ذڪر ڪرڻ وارن جي ڳولا ۾ رهندا آهن. جتي ماڻھو ڪڏ تي ذڪرُ الله ۾ مصروف هوندا آهن تہ (اُهي فرشتا نہ صرف پاڻ بلڪ) پنھنجن ٻين ساٿي فرشتن کي (ذڪر جي مجلسن ۾ شامل ٿيڻ جن جي ڊيوٽي آهي انھن کي) سڏيندا آهن ۽ کين چوندا آهن: هَلُمُّوْا اِلٰى حَاجَتِكُمْ اچو...!! توهان جي گھربل شيءِ هتي آهي.[1]

## ٻين کي بہ ساڻ وٺي اچو!

سُبْحٰنَ الله! روايت جو بقايا حصو بہ عرض ڪريان ٿو، پھريان هن ڳالھ مان ٿورو لطف وٺو تہ فرشتا ٻين فرشتن کي سڏيندا آهن، معلوم ٿيو تہ نيڪ اجتماعن ۾ اڪيلو ئي شرڪت ڪرڻ فرشتن جو طريقو نہ آهي، هي پنھنجن ساٿين کي سڏيندا آهن ۽ کين پاڻ سان گڏ وٺي ايندا آهن. اسان کي بہ گھرجي تہ اسان اڪيلا ئي نہ اچون، پر فرشتن جي پيروي ڪندي ٻين کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي اچون.

## زندگيءَ جو اهم ترين مقصد

ٻي ڳالھ تہ فرشتا هڪ ٻئي کي سڏيندا آهن: هَلُمُّوْا اِلٰى حَاجَتِكُمْ اچو...!! توهان جي گھربل شيءِ هتي آهي. معلوم ٿيو تہ انھن فرشتن جو مطلب، مقصد، چاهت، خواهش صرف هڪ ئي هوندي آهي تہ ڪٿي نيڪ اجتماع ملي وڃي تہ اسان ان ۾ شرڪت ڪري وٺون، اِن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرشتا ڳھٽي ڳھٽي گھمندا آهن، باقاعدي روايت جا لفظ آهن: يَطُوْفُوْنَ فِي الطُّرُقِ فرشتا

[1] بخاری، کتاب الدعوات، باب فضل ذکر اللہ، صفحہ:1578، حدیث:6408۔

(نيڪ اجتماعن جي ڳولا ۾) گھٽي گھٽي چڪر هڻندا رهندا آهن.

ان مان معلوم ٿيو تہ نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت لاءِ بيچين رهڻ گھرجي، ڪجھ ماڻهن جو ذِهن هوندو آهي تہ جيتري دير اجتماع ۾ شرڪت ڪندس، ان ڪان بهتر آهي تہ ايتري دير نوافل پڙهي وٺان، ايتري دير تلاوت ڪري وٺان، ديني مطالعو ڪري وٺان. بيشڪ نفل پڙهڻ بہ ثواب جو ڪم آهي، تلاوت بہ ڏاڍي فضيلت واري نيڪي آهي، ديني مطالعي جو بہ ڪو جواب نہ آهي، پر نيڪ اجتماع ۾ شرڪت جي جيڪا فضيلت آهي، ان جو شان ئي نرالو آهي، توهان پاڻ غور فرمايو! الله پاڪ جا فرشتا آهن، نوراني مخلوق آهن، گناهن کان بلڪل پاڪ آهن، ان جي باوجود انهن سياح فرشتن پنهنجو مقصد ئي هي ٻڌائي رکيو آهي تہ اسان ڪي بس نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻي آهي، انهيءَ ئي مقصد لاءِ هُو گھٽي گھٽي گھمندا رهندا آهن. معلوم ٿيو تہ نيڪ اجتماع مثلاً هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت اسان جي ***Top of the list*** اهداف ۾ هجڻ گھرجي.

## فرشتا اجتماع ڪي ڍَڪي ڇڏيندا آهن

هاڻي روايت جو بقايا حصو ٻڌو! فرشتا جيڪي گھٽي گھٽي جو چڪر هڻي رهيا هئا، هاڻي ڪين نيڪ اجتماع ملي ويو، هاڻي اهي ڇا ڪندا آهن: مسلم شريف جي روايت آهي، پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: فرشتا هن ذڪر جي محفل ۾ ويهي رهندا آهن ۽ پنهنجا پرَ پکيڙي سموري اجتماع کي ڍڪي ڇڏيندا آهن (۽ پرَ پکيڙڻ جو انداز ڪهڙو هوندو آهي) هڪ فرشتو، ٻئي فرشتي جي مٿان پنهنجا پرَ پکيڙيندو ويندو آهي، ائين ڪندي ڪندي هن اجتماع واري جاءِ کان وٺي آسمانِ دنيا تائين هڪ جي مٿان هڪ فرشتو پنهنجا

پَرَ پکيڙيندو ويندو آهي، اهڙي طرح زمين کان وني آسمان تائين سموري جاءِ فرشتن سان ڀرجي ويندي آهي. پوءِ جڏهن اجتماع ختم ٿي ويندو آهي تہ فرشتا بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيندا آهن، اللّٰه پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! مون هن اجتماع وارن کي بخشي ڇڏيو آهي، جيڪو انهن گهريو، مون کين عطا ڪري ڇڏيو آهي ۽ جنهن شيءِ کان هنن پناهہ گهري، مون کين ان کان پناهہ ڏئي ڇڏي آهي.[1]

**بخاري شريف** جا الفاظ آهن: فرشتا عرض ڪندا آهن: مولا! اتي هڪ شخص هو، جيڪو اجتماع ۾ شريڪ نہ هو اهو تہ پنهنجي ڪنهن حاجت سبب اتي آيو هو (يعني اهو اجتماع ۾ شريڪ ٿي ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف نہ هو، ڪيس ڪو ڪم هو، جنهن سبب هُو اجتماع گاهہ ۾ اچي ويو هو). اللّٰه پاڪ فرمائيندو آهي: هُمُ الْقَوْمُ لَا يَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُمْ يعني اي فرشتو! هن ذڪر جي محفل ۾ شرڪت ڪرڻ وارا اهڙا تہ شان وارا آهن جو انهن جي ڀرسان ويهڻ وارو بہ محروم نہ رهندو آهي.[2]

## (3) ڀرسان ويهڻ وارو بہ محروم نہ رهندو آهي

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا ڪيڏا نہ عظمت وارا آهن، اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ سندن مقام ڪيڏو نہ اوچو آهي جو جيڪو سندن پاسي مان گذري وڃي، پنهنجي ڪنهن حاجت سبب سندن ويجهو اچي وڃي، انهن جي برڪت سان اهو بہ بخشيو ويندو آهي. خواجہ غلام فريد رحمۃُاللّٰہِعليه لکن ٿا:

[1] مسلم، ڪتاب الذڪر و الدعاء...الخ، باب فضل مجالس الذڪر، صفحہ:1037، حديث:2689ملتقطاً۔
[2] بخاری، کتاب الدعوات، باب فضل ذکر اللہ، صفحہ:1578، حديث:6408۔

اُٹھ فَرِیدَا سُتّیا تے مِیلَا وِیکھن جا

جے کوئی مِل جائے بَخشیا، تے تُوں وِی بَخشیا جا

**مفهوم:** خواجہ غلام فريد رحمۃُ اللہِ علیہ نيڪ بزرگ تي گذريا آهن، پاڻ غافل نہ هئا، غافلن کي جاڳائڻ وارا هئا پر عاجزي ڪندي فرمائن ٿا: اي غفلت ۾ گُم ٿيل فريد! اُٿ ...!! ٻاهر نڪر، ڏِس تہ ڪٿي ڪو بخشيل ملي وڃئي تہ سندس صحبت جي برڪت سان تنهنجي بہ بخشش ٿي ويندي.

## هڪڙي جو روئڻ سيني جي ڪم اچي ويو

حضرت سليمان بن منصور رحمۃُ اللہِ علیہ نيڪ بزرگ تي گذريا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مون پنهنجي مرحوم والد صاحب کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيم: اللہ پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ والد صاحب ٻڌايو: اللہ پاڪ مون کي پنهنجو قرب عطا ڪيو ۽ فرمايو: اي گنهگار پوڙها! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ مون توکي ڇو بخشيو آهي؟ مون عرض ڪيو: مولا! مان نہ ٿو ڄاڻان. فرمايو ويو: هڪ ڏينهن تون هڪ اجتماع ۾ (بيان ڪندي) ماڻهن کي روئاريو هو، انهن ۾ منهنجو هڪ اهڙو ٻانهو بہ روئي پيو هو جيڪو منهنجي خوف کان ڪڏهن بہ نہ رُنو هو، اُن جي روئڻ سبب مون سندس بخشش ڪئي ۽ ان جي صدقي اُن اجتماع ۾ آيل سيني ماڻهن کي بخشي ڇڏيو.[1]

[1] بحر الدموع، الفصل الاول فضل التوبہ و ثمارہا، صفحہ:26۔

| | |
|---|---|
| يَا اللّٰہ! يَا رَحمٰنُ! | يَا حنّانُ! يَا مَنّانُ! |
| بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ | یااللّٰہ! مِری جھولی بھر دے [1] |

## ديني اجتماع جا دِيني ۽ دنياوي فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ديني اجتماع (مثلاً هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾، شبِ براءَت، شبِ معراج، شبِ قدر وغيره وڏين راتين جي اجتماعن ۾، اجتماعي مدني مذاڪري وغيره) ۾ شرڪت ڪندو رهڻ گهرجي. ان جون تمام گهڻيون برڪتون آهن. ديني اجتماعن جون اهي برڪتون جيڪي احاديث پاڪ ۾ بيان ٿيون آهن ۽ موجوده دور ۾ سائنسي تحقيقات (*Scientific Researches*) جيڪي ان سلسلي ۾ ٿيون آهن، انهن جو خلاصو عرض ڪري رهيو آهيان، پڙهو! ۽ جهومو!

احاديثِ ڪريمہ جي مطابق ◈مجلسِ ذڪر(يعني ديني اجتماعن) ۾ اچڻ وارن تي فرشتا پنهنجا پَرَ پکيڙي ڇڏيندا آهن ◈انهن تي سڪينہ نازل ٿيندو آهي ◈ڪين رحمت گهيري ڇڏيندي آهي (2) ◈انهن جي لاءِ بخشش جي خوشخبري آهي ◈سندن گناهن کي نيڪين ۾ تبديل (*Replace*)ڪيو ويندو آهي(3) ◈مجالسِ ذڪر (يعني ديني اجتماعن) جي غنيمت جنت آهي(4) ◈ ديني اجتماعن کي حديث پاڪ ۾ جنت جون ڪِياريون فرمايو ويو آهي(5) ◈

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:121۔

[2]… مسلم،كتاب الذكر والدعاء،باب فضل الاجتماع ...الخ،صفحہ:1039، حديث:2700۔

[3]…معجمِ كبير،جلد:3،صفحہ:546،حديث:5907 ماخوذاً۔

[4]…مسند امام احمد ،جلد:3،صفحہ:573،حديث:6811مفہوماً ۔

[5]…ترمذی ،كتاب الدعوات،85-باب منہ ، صفحہ:804،حديث:3510۔

الله پاڪ مجلسِ ذڪر ۾ اچڻ وارن تي فخر فرمائيندو آهي[1] ◈ ۽ فرشتن جي سامهون سندن ذڪرِ خير فرمائيندو آهي.[2]

هي اهي برڪتون آهن جن جو احاديث ۾ ذڪر ٿيو آهي، ان ڪان علاوه ◈ديني اجتماعن جي برڪت سان الله پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو آهي ◈غفلت دور ٿيندي آهي ◈نيڪي ۽ڀلائي تي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ نصيب ٿيندو آهي ◈ديني اجتماعن جي برڪت سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي ◈ ٻنهي جهانن جي ڀلايون ملنديون آهن◈معاشري جي اصلاح ٿيندي آهي ◈ پاڻ ۾ پيار، محبت، اتفاق ۽ اتحاد جي دولت نصيب ٿيندي آهي ◈ان جي برڪت سان اخلاق سنورجندا آهن ◈ڪردار ۾ بهتري ايندي آهي ◈عقل وڌندو آهي ◈سوشل لائيف يعني معاشري ۾ رهڻ ۽ زندگي گذارڻ جو تجربو (*Experience*) وڌندو آهي ◈مختلف سروي رپورٽس جي مطابق مذهبي ماڻهو (*Religious People*) (جيڪي جمعي نماز جي جماعت ۽ ٻين ديني اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا رهندا آهن) اُهي غير مذهبي ماڻهن جي نسبت نفسياتي مسئلن (*Psychological Problems*) جو شڪار گهٽ ٿيندا آهن ◈ڊپريشن جيڪو اڄ جي دور جو هڪ وڏو مسئلو آهي، هاءِ بلڊ پريشر، بڪين جا مرضَ (*Kidney Diseases*) ۽ هارٽ اٽيڪ وغيره جو هڪ وڏو سبب ڊپريشن آهي، هڪ سروي رپورٽ مطابق مذهبي ماڻهو (جيڪي اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا آهن) اُهي ڊپريشن ڪان گهڻي حد تائين محفوظ رهندا آهن ◈ڇوته اهي ماڻهو ٻين جي ڏک ۽ درد ڪان واقف ٿيندا رهندا آهن، تنهنڪري انهن ۾ نيڪي، ڀلائي، خير

---

[1] …مسلم،ڪتاب الذڪر و الدعاء…الخ،باب فضل الاجتماع ….الخ،صفحه:1040،حديث:2701۔

[2] … مسلم،ڪتاب الذڪر والدعاء،باب فضل الاجتماع …الخ،صفحه:1039، حديث:2700۔

خواهي ۽ خدمتِ خلق (*Social Welfare*) وغيره جا جذبا وڌيڪ هوندا آهن ◈هن وقت دنيا ۾ هڪ وڏو مسئلو خودڪشي (*Suicide*) بہ آهي، خودڪشيءَ جي واقعن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي، هن جرم (*Crime*) جي روڪٿام جو هڪ اهم ذريعو ديني اجتماع بہ آهن، اصل ۾ جيڪو پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ٿي ويندو آهي، جنهن کي لڳي رهيو هوندو آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪجھ نہ رکيو آهي، منهنجي لاءِ سڀ دروازا، سيئي راهون بند ٿي چڪيون آهن، اهو خودڪشيءَ جو رستو اختيار ڪندو آهي، ديني اجتماعن جو فائدو هي هوندو آهي تہ ◈ان جي برڪت سان سوچ کُلندي آهي، ◈زندگيءَ جون نيون نيون راهون سامهون ايندڀون آهن ◈زندگيءَ کي هڪ مقصد ملندو آهي ۽ ◈سنّن ۽ باڪردار ماڻهن سان ملڻ جلڻ جي برڪت سان دل جو بار هلڪو ٿيندو آهي ◈غم ۽ پريشانين جو مقابلو ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي، اهڙي طرح جيڪو شخص زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪو هوندو آهي، ان کي زندگي گذارڻ جي نئين امنگ، جذبو ۽ شوق ملي ويندو آهي.

مُنعَقِد کرتے رہیں گے اجتماعِ ذِکر و نعت

دُھوم ان کی نعت خوانی کی مچاتے جائیں گے

کر لو نیّت سنتوں کی تربیت کے واسطے

قافلوں میں ہم سفر کرتے کراتے جائیں گے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...وسائلِ بخشش،صفحہ:419 ملتقطًا۔

## دعوتِ اسلامي ۽ ديني اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ديني اجتماعن جون ڪيڏيون نہ برڪتون آهن، اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جيڪا سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي. اڄ جي دور ۾ ديني اجتماعن کي فروغ ڏيڻ ۽ انهن کي هڪ منظم انداز (*Organized Way*) سان هلائڻ ۾ دعوتِ اسلامي نمايان ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اَلحمدُلِلّٰه! ◈دعوتِ اسلامي جي تحت ڏيهہ توڙي پرڏيهہ (*Overseas*)۾ هزارين مقامات تي هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن، جن ۾ لکين مسلمان شريڪ ٿي برڪتون لُٽيندا رهندا آهن ◈هزارين جاين تي اسلامي ڀينرن جا هفتيوار اجتماع بہ ٿيندا آهن. ان کان علاوه ◈جشنِ ولادت جي موقعي تي **12 هِين شريف** جو اجتماع ◈وڏي **يارهين شريف** ◈شبِ معراج ◈شبِ براءَت ◈شبِ قدر وغيره جا اجتماع بہ ٿيندا رهندا آهن، جن ۾ هزارين نہ پر لکن جي تعداد ۾ اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا آهن ۽ برڪتون حاصل ڪندا آهن.

## هفتيوار اجتماع جو جدول ۽ ان جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جون بنيادي طور تي **3** نشستون آهن، پهرين نشست مغرب کان عشاء تائين (ان جو وقت **2** ڪلاڪ آهي)، ٻي نشست بعدِ نمازِ عشاء کان وقفهءِ آرام تائين ۽ ٽين نشست نمازِ تهجد کان اشراق ۽ چاشت کان پوءِ صلوٰة و سلام تائين ٿيندي آهي.

هفتيوار اجتماعِ پاڪ ۾ اول کان آخر (يعني انهن ٽنهي نشستن ۾)

شرڪت ڪرڻ جي برڪت سان اسان ڪهڙين ڪهڙين فضيلتن جا حقدار ٿي سگهون ٿا؟ اچو تہ ٻڌون ٿا!

## (1) هفتيوار اجتماع ۾ نمازن جو فيضان

هفتيوار اجتماع جي سڀ کان پهرين ۽ اهم ترين برڪت تہ هيءَ آهي تہ هن جي سبب اسان کي باجماعت نمازون پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿيندي آهي ◈نمازِ مغرب ◈نمازِ عشاء ◈نمازِ فجر، پوءِ نفلي نمازون، جهڙوڪ ◈ اَوّابين ◈صلوٰة التوبہ ◈نمازِ تهجد ◈نمازِ اشراق ۽ چاشت، جيڪڏهن اسان هفتيوار اجتماع ۾ اول کان آخر تائين شرڪت ڪريون تہ ان جي برڪت سان هي سڀ نمازون پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

انهن نمازن جي فضيلت ڪهڙي آهي؟ برڪتون ڪهڙيون آهن؟ ٻڌو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: ◈جنهن فجر جي نماز باجماعت پڙهي، پوءِ ويهي الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهيو، ايسيتائين جو سج نڪري آيو، ان جي لاءِ جنت الفردوس ۾ **70** درجا هوندا ۽ هر ٻن درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ تربيت يافتہ (*Trained*) تيز رفتار عمده نسل جو گهوڙو **70** سالن ۾ طئي ڪندو آهي ◈جنهن مغرب جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ حج مبرور (يعني مقبول حج) ۽ مقبول عمري جو ثواب آهي ۽ ◈جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي، ان جي لاءِ لَيْلَةُ الْقَدْر ۾ قيام (يعني عبادت) ڪرڻ جي برابر ثواب آهي. [1] ◈اهڙي طرح نمازِ اَوّابين بابت حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو مغرب جي(3 فرض پڙهڻ) کان پوءِ **6** رڪعتون پڙهي ۽ انهن جي وچ

---

[1]...شعب الايمان، باب فی الصبر...الخ، جلد:7، صفحہ:137، حديث:9761۔

۾ ڪا بري ڳالھ نہ ڪري تہ اُھي **12** سالن جي عبادت جي برابر ھونديون.[(1)]
🔶هفتيوار اجتماع جي برڪت سان صَلٰوةُالتَّوْبَہ پڙھڻ جي بہ توفيق نصيب ٿيندي آھي 🔶تهجد پڙھڻ جي بہ سعادت ملي ويندي آھي. حديث پاڪ ۾ آھي: رات جو ضرور قيام ڪريو (يعني نماز پڙھو) ڇو جو ھي توھان کان اڳ نيڪ ماڻھن جو طريقو، رب جو قرب حاصل ڪرڻ، اڳين گناھن کي مٽائڻ ۽ آئنده گناھن کان بچڻ جو ذريعو آھي.[(2)] 🔶اهڙي طرح اشراق جا نوافل پڙھڻ متعلق حديث پاڪ ۾ آھي تہ انھن جي برڪت سان ٻانھي جا گناھ بخشيا ويندا آھن، جيتوڻيڪ سمنڊ جي گَجِ برابر ھجن.[(3)]

## هفتيوار اجتماع ۾ تلاوتِ قرآنِ ڪريم

هفتيوار اجتماع ۾ سورةملك پڙھي ويندي آھي. صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عنه فرمائن ٿا: جڏھن ٻانھو قبر ۾ ويندو ۽ عذاب جا فرشتا سندس پيرن جي طرف کان ايندا تہ سندس پير چوندا: توھان لاءِ ھتان ڪان ڪو رستو نہ آھي، ڇوتہ ھي (رات جو) سورةملك پڙھندو ھو. پوءِ اھي فرشتا سندس پيٽ جي طرف کان ايندا تہ پيٽ چوندو: توھان جي لاءِ منھنجي طرف کان بہ ڪو رستو نہ آھي ڇوتہ ھن منھنجي اندر سورةملك کي ياد ڪري رکيو ھو، پوءِ اھي سندس مٿي جي طرف کان ايندا تہ مٿو چوندو: توھان جي لاءِ منھنجي طرف کان بہ ڪو رستو نہ آھي، ان ڪري جو ھي (رات جو) سورةملك

[1]… ابنِ ماجہ،كتاب اقامة الصلاة و السنة فيہا،باب ما جاء فی الست …الخ،صفحہ:189،حديث:1167۔

[2]…ترمذی، کتاب الدعوات، باب فی دعاء النبی، صفحہ:812، حديث:3549۔

[3]…ابوداؤد، کتاب الصلاة، التطوع، باب صلاة الضحی، صفحہ:211، حديث:1287۔

مون سان ئي پڙهندو هو. (1)

## هفتيوار اجتماع ۾ نعتِ مصطفيٰ

ان کان پوءِ نعت شريف پڙهي ۽ ٻڌي ويندي آهي ۽ سُبْحٰنَ الله! نعتِ مصطفيٰ جي چا تہ ڳالھ آهي ...!! ◈پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ فضيلتن جو ذڪر ڪرڻ الله پاڪ جي سنت آهي ◈نبين، رسولن ۽ فرشتن جي بہ سنت آهي ◈ان جي برڪت سان ايمان تازو ٿيندو آهي ◈دل ۾ عشقِ رسول وڌندو آهي ۽ ◈دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون آهن.

خُدا کا ذِکر کرے، ذِکرِ مصطفےٰ نہ کرے | ہمارے مُنہ میں ہو ایسی زباں خُدا نہ کرے

## سنتن ڀريو بيان

ان کان پوءِ سنتن ڀريو بيان ٿيندو آهي. ان جي ذريعي علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص علم جي ڳولا ۾ جُوتا، جوراب يا ڪپڙا پائيندو آهي تہ پنهنجي گهر جي چائنٺ کان ٻاهر نڪرندي ئي الله پاڪ سندس گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي. (2)

## هفتيوار اجتماع ۾ درود پاڪ

اَلحمدُلِله! هفتيوار اجتماع ۾ **6** درود پاڪ ۽ دعائون بہ پڙهايون وينديون آهن ◈انهن ۾ هڪ شبِ جمعہ جو درود پاڪ آهي، ان کي پڙهڻ واري جي لاءِ

---

[1]...مصنف عبد الرزاق ، کتاب فضائل القرآن ، باب تعلیم القرآن و فضلہ،جلد:3،صفحہ:232،حدیث: 6045 ۔

[2]...معجمِ اوسط،جلد:4،صفحہ:204 ،حدیث:5722۔

مرڻ وقت ديدارِ مصطفيٰ نصيب ٿيڻ جي فضيلت آهي ◈اهڙي طرح گناه بخشرائڻ وارو درود شريف پڙهايو ويندو آهي، يعني هن درود پاڪ کي پڙهڻ سان گناه بخشڻ جي فضيلت آهي ◈هڪ اهڙو درود شريف به پڙهايو ويندو آهي جنهن کي پڙهڻ سان رحمت جا **70** دروازا کُلي ويندا آهن ◈قُربِ مصطفيٰ ڏيارڻ وارو درود شريف به پڙهايو ويندو آهي ◈جنهن درود تي پڙهڻ سان **6** لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي، اُهو به پڙهايو ويندو آهي ◈درودِ شفاعت به پڙهايو ويندو آهي، جنهن کي پڙهڻ واري جي لاءِ شفاعت واجب ٿي وڃڻ جي خوشخبري ڏني وئي آهي ◈اهڙي طرح حديث پاڪ ۾ بيان ڪيل به دعائون به هفتيوار اجتماع ۾ پڙهايون ويندیون آهن ◈انهن مان هڪ دعا اهڙي آهي، جو جيڪڏهن ڪو شخص اها دعا پڙهي وٺي ته حديثِ پاڪ مطابق **70** فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا آهن ۽ ◈شبِ قدر جي دعا به پڙهائي ويندي آهي، يعني هن دعا جي باري ۾ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي: جيڪو شخص هيءَ دعا **3** ڀيرا پڙهي وٺي، ان ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي.

## ذِكرُ الله

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو هڪ خصوصي سلسلو **ذِكرُ الله** به آهي ۽ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪا قوم الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ لاءِ ويهندي آهي ته فرشتا ان کي چئني طرفن کان گهيري ڇڏيندا آهن ۽ خدا جي رحمت کين ڍڪي ڇڏيندي آهي ۽ انهن تي سڪينه (يعني دل جو اطمينان) نازل ٿيندو آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي مقربين ۾ سندن تذڪرو فرمائيندو آهي.(1)

[1] ... مسلم،كتاب الذكر والدعاء،باب فضل الاجتماع ...الخ،صفحه:1039، حديث:2700ـ

## دعا

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ رقت انگيز دعا ٿيندي آهي جنهن جي برڪت سان نہ ڄاڻ ڪيترا پنهنجون خالي جهوليون مرادن سان ڀريندا آهن. حديث پاڪ ۾ دعا کي عبادت جو مغز چيو ويو آهي.[1] ۽ اعليٰ حضرت رحمة اللهِعليه فرمائن ٿا: جماعت ۾ برڪت آهي ۽ مسلمانن جي اجتماع ۾ دعا ڪرڻ قبوليت جي وڌيڪ ويجهو آهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ هفتيوار اجتماع دعائن جي قبوليت جو هڪ ذريعو آهي.

## اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا...!!

اجتماع ۾ ٿيڻ واري رقّت انگيز دعا جي هڪ خاصيت هيءَ بہ آهي تہ ان جي برڪت سان بيشمار پٿر دل انسان (*Stone Hearted*) بہ پگهرجي ويندا آهن ۽ خوفِ خدا جي دولت حاصل ڪري هدايت جي راهہ تي گامزن ٿي ويندا آهن. ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان اڳ منهنجي زندگي گناهن ۾ گذري رهي هئي، پوءِ مون کي هڪ اسلامي ڀاءُ مليو، جيڪي مسلسل مون کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڏئي آخرڪار هڪ ڏينهن هفتيوار اجتماع ۾ وٺي ئي آيا. مون اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، بيان بہ ٻڌو، پوءِ ذڪر شروع ٿيو، ذڪرُالله جي آوازن منهنجي دل کي ڌوڏي ڇڏيو، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي روحانيت اڳ ۾ نہ ڪڏهن ڏٺي هئي، نہ ٻڌي هئي، پوءِ جڏهن رِقّت انگيز دعا شروع ٿي تہ اجتماع ۾ شريڪ

---

[1] ...ترمذی،کتاب الدعوات،باب ما جاء فی فضل الدعاء،صفحہ:777،حدیث:3371۔

[2] ...فتاویٰ رضویہ،جلد:24،صفحہ:184 بتغیر قلیل۔

ماٹھن جي سُڏڪَن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، اهڙي تہ دعا هئي جو مون جهڙو پٿر دل بہ شرمندگي ۽ ندامت وِچان روئڻ لڳو، منهنجا ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ مان ندامت سان پنهنجن گناهن کان توبهہ ڪري رهيو هيس.(1)

| | |
|---|---|
| تمھیں لُطف آ جائے گا زِندَگی کا | قریب آ کے دیکھو ذرا دینی ماحول |
| تَنَزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی | ترقّی کا باعِث بنا دینی ماحول |
| یقیناً مقدّر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول(2) |

## رات اعتڪاف ۽ نمازِ تهجد جي سعادت

پيارا اسلامي ڀائرو! هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي جدول ۾ شامل ڪجھ شين جي باري ۾ اسان ٻڌو، ان کان علاوه ◈هفتيوار اجتماع ۾ شبِ جمعہ جا 6 درود پاڪ ۽ دعائون بہ پڙهايون وينديون آهن◈ سکڻ ۽ سيکارڻ جا حلقا بہ لڳايا ويندا آهن جن ۾ سنتون ۽ آداب ۽ مختلف فرض علوم جي معلومات ڏني ويندي آهي ◈روزمره زندگيءَ جون مختلف دعائون بہ ياد ڪرايون وينديون آهن ◈ان کان پوءِ نفلي اعتڪاف جي نيت سان سڄي رات مسجد ۾ گذارڻ جي ترڪيب هوندي آهي ◈نمازِ تهجد باجماعت ادا ڪئي ويندي آهي ◈اوراد ۽ وظائف پڙهيا ۽ پڙهايا ويندا آهن ◈هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو اختتام اشراق ۽ چاشت جي نماز کان پوءِ صلوٰة و سلام تي ٿيندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾

---

[1]…جنت کا راستہ،صفحہ:41خلاصۃً۔

[2]…و سائلِ بخشش،صفحہ:646، 647 ملتقطًا۔

شرڪت ڪرڻ صرف هڪ نيڪي نہ آهي پر ڪيترين ئي نيڪين جو هڪ حسين گلدستو (*Bouquet*) آهي ۽ پيو تہ هي نيڪيون بہ ڪنهن عام ڏينهن تي نہ پر جمعي جي ڏينهن ڪيون وينديون آهن. جي ها! اسلامي اعتبار سان مغرب کان پوءِ نئون ڏينهن شروع ٿي ويندو آهي ۽ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جو سنتن ڀريو اجتماع بہ خميس جي ڏينهن مغرب جي نماز کان پوءِ شروع ٿيندو آهي يعني شبِ جمعہ ۾ ٿيندو آهي ۽ **جمعي جي هڪ نيڪيءَ جو ثواب 70 ڀيرا هوندو آهي.** (1)

هيءَ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جي برڪتن جي هڪ هلڪي جهلڪ اوهان جي سامهون پيش ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ ان کان علاوه بہ بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون هن اجتماع جي وسيلي اسان کي حاصل ٿينديون آهن. تنهن ڪري اچ ئي پنهنجي صحت(*Health*) ۽ زندگيءَ کي غنيمت سمجهي، آخرت جي تياري ڪرڻ جي لاءِ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پنهنجي شرڪت کي يقيني بڻايو! ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ جي ڪوشش فرمايو! حديث پاڪ جي مطابق بهتر مسلمان اهو آهي جيڪو پنهنجي لاءِ جيڪا شيءِ پسند ڪري، اهائي ٻي مسلمان جي لاءِ بہ پسند ڪري.

اسان پاڻ نيڪي ڪري رهيا آهيون، ديني اجتماعات ۾ شرڪت ڪري رهيا آهيون، هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري رهيا آهيون تہ ٻين جي لاءِ بہ اهوئي پسند ڪريون، تنهنڪري ◈ٻين کي بہ دعوت ڏيون ◈فون تي ◈ميسج ذريعي ◈واٽس ايپ تي ◈دوستن سان ملاقات ڪري ◈

---

[1] … مرآة المناجيح، جلد:2، صفحہ:323 ـ

علائقائي دوري ۾ شريڪ ٿي، اسان ڀين کي به ترغيب ڏياريون، هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جا فائدا ٻڌائي، ذِهن ٺاهي پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ جي ڪوشش ڪريون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب ملندو. الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ وقت جي پابندي (*Punctuality*) سان شرڪت ڪرڻ ۽ اجتماع گاهه ۾ ٿي سڄي رات گذارڻ جي سعادت عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ترا شکر مولا دِیا دِینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خُدا دِینی ماحول |
| گنہگارو آؤ! سِیَہ کارو آؤ! | گُناہوں کو دیگا چھڑا دِینی ماحول |
| پِلا کے مئے عشق دیگا بنا یہ | تمہیں عاشقِ مصطفٰے دِینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعاءِ امير اهلسنت

پيارا اسلامي ڀائرو! اپريل 2026 جي مهيني کي دعوتِ اسلامي **هفتيوار اجتماع جو مهينو** طور ملهائي رهي آهي. الحمدلله! هفتيوار اجتماع ته پورو سال ٿي هلندو رهندو آهي، پر هي هڪ مهينو هن ديني ڪم کي مضبوط ڪرڻ، ان ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيڻ، ان تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ نون نون اسلامي ڀائرن کي ان ۾ شرڪت ڪرائڻ لاءِ خاص ڪيو ويو آهي. تنهنڪري توهان پاڻ به هن ديني ڪم ۾ ڀرپور شرڪت ڪريو ۽ ٻين کي به پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ جي پوري پوري ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪوشش فرمايو!

شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه...!!
اَلحمدُلِلّٰه! دنيا ڇاڙي ۾ مجي ٿي تہ پاڻ اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن ۽ واقعي آهن، پاڻ دعا فرمائن ٿا تہ: ياالله پاڪ! جيڪو ماهِ اپريل **2026** ڪي بطور ماهِ اجتماع ملهائي، چاهي اهو پاڻ اچي، ٻين کي ساڻ وٺي اچي، جيڪو گاڏيون ڀري اچي، جيڪو قافلن جي صورت اسلامي ڀائرن کي شرڪت ڪرائي، مطلب تہ ان ۾ جيڪو بہ جنهن بہ طرح حصو وٺي، يا الله پاڪ! اُن کي اِن ڪان پهريان موت نہ ڏجانءِ جيسيتائين هُو تنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو جلوو نہ ڏسي وٺي.

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي جي دعا آهي، ڪهڙي خبر اسان جي حق ۾ قبول ٿي وڃي، ڪهڙي خبر انهيءَ ئي نيڪ ڪم جي برڪت سان بگڙيل سنورجي وڃي، قِتل قسمت جاڳي پئي ۽ اسان کي جلوهءِ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار نصيب ٿي وڃي.

جَلْوہٴ یار اِدھر بھی کوئی پھیرا تیرا | حسرتیں آٹھ پہر تکتی ہیں رستہ تیرا

هڪ شاعر چيو آهي:

دِیدار کے قابِل تَو نہیں چشمِ تمنّا
لیکن وہ کبھی خواب میں آئیں تو عجب کیا

اللّٰه پاڪ اسان کي توفيق بخشي، اسان پاڻ بہ استقامت ۽ وقت جي پابندي

سان هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندا رهون ۽ ٻين کي بہ دعوت ڏئي ۽ پاڻ سان گڏ وٺي اچي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرائيندا رهون.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دارالمدينہ انٽرنيشنل اسڪول سسٽم

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي ديني علوم سان گڏوگڏ دنياوي علم سان بہ معاشري جي فلاح ۽ ڀلائي جو ڪم انجام ڏئي رهي آهي، عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام هڪ اهم تعليمي شعبو: **دارُالمدينہ انٽرنيشنل اسلامڪ اسڪول سسٽم** قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو مقصد ديني اقدار سان جديد تقاضائن موجب معياري تعليم فراهم ڪرڻ آهي.

الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان دارالمدينہ اسلامڪ اسڪول سسٽم مختصر عرصي ۾ نمايان ترقي ڪئي آهي. هينئر تائين ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ 173 کان وڌيڪ ڪيمپسون ڪاميابيءَ سان قائم ڪيون ويون آهن، جتي 43 هزارن کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون زيرِ تعليم آهن ۽ هڪ منظم، باوقار ۽ همہ گير تعليمي ماحول مان لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن.

الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ڪراچي، راولپنڊي ۽ فيصل آباد ۾ پنج بوائز ۽ گرلز ڪاليجون (ڏار ڏار ڪيمپسز ۾) ڪاميابيءَ سان تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. تعليمي ترقيءَ جي هن سفر کي اڳتي وڌائيندي سال

2024ع ۾ اسلام آباد ۾ دارالمدينہ انٽرنيشنل يونيورسٽي جو باقاعده قيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جيڪا اعليٰ تعليم جي ميدان ۾ هڪ اهم سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿي.

الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي هن تعليمي مشن کي ترقي عطا فرمائي ۽ اسان کي ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسلامڪ اسپيچز (Islamic Speeches) موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون (Smartphone) جي ذريعي پڻ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي (I.T) ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن اسلامڪ اسپيچز (Islamic Speeches) پڻ آهي. جنهن جي ذريعي توهان دعوتِ اسلامي جا ◈ هفتيوار ◈ جمعي جا ◈ ۽ مختلف موقعن جا نوان توڙي پراڻا بيانات آساني سان حاصل ڪري سگهو ٿا ◈ اهي بيانات نہ صرف اردو زبان، پر انگريزي، سنڌي، پشتو ۽ بنگالي ٻولين ۾ پڻ موجود آهن ◈ توهان انهن بيانن کي نہ رڳو پڙهي سگهو ٿا، پر هن ايپلي ڪيشن ۾ مخصوص بيانات آڊيو (Audio) ۾ ٻڌي بہ سگهو ٿا ◈ بيانن کي ڳولڻ (تلاش ڪرڻ) جي سهولت پڻ موجود آهي، جنهن سان توهان پنهنجو گهربل بيان آسانيءَ سان ڳولي سگهو ٿا ◈ توهان پنهنجي پسند جي بيانن کي فيورٽ (Favorite) ڪري محفوظ بہ ڪري سگهو ٿا.

اج ئي هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر چنڇر تي امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڌڙ چنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡکَرِيۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، اينڌڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي ”**محتاط گفتگو ڪيو**“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ خوشخبري! مڪتبۃ المدينہ هڪ اهم نئين ڪتاب ”مڪتوباتِ اميرِ اهلِ سنت“ شايع ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا اهي بابرڪت خط ۽ تحريرون شامل آهن، جيڪي پاڻ مختلف موقعن تي تحرير فرمايون. هن ڪتاب کي مڪتبۃُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان هڪ هزار (1000) رپين ۾ طلب فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## نالو رکڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن توهان کي توهان جي ۽ توهان جي پيءُ جي نالي سان سڏيو ويندو تنهنڪري پنهنجا سٺا نالا رکو. (2)

اي عاشقانِ رسول! مفتي امجد علي اعظمي رحمۃُاللّٰہِعلیه فرمائن ٿا: ٻار جو سٺو نالو رکيو وڃي، ڪيترن ئي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪا معنيٰ نه هوندي آهي يا انهن جي معنيٰ بُري هوندي آهي، اهڙا نالا رکڻ کان پرهيز ڪريو ◈انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ صحابهءِ ۽ تابعين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جي نالن تي نالا رکڻ بهتر آهي، اميد آهي تہ سندن برڪت ٻار سان شامل حال ٿي ويندي ◈ٻار زنده پيدا ٿيو هجي يا مرده سندس بدن مڪمل ٿيو هجي يا مڪمل نہ ٿيو هجي، بهرحال سندس نالو رکيو وڃي ◈حديث پاڪ ۾ آهي: ڪچو ٻار (يعني جنهن

---

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2...ابو داؤد، کتاب الادب، باب:فی تغيير الاسما، صفحہ:775، حديث:4948۔

جو ڪو عضوو نهي ويو هجي يا **4 مهينن** جو حمل هجي) ته ان جو نالو رکو جو الله پاڪ سندس وسيلي سان توهان جي عملن جي تارازي کي ڳورو ڪندو ◈جبرائيل يا ميڪائيل وغيره نالو نه رکو ◈يٰسين يا طٰهٰ نالو رکڻ منع آهي ◈محمد يٰسين نالو به نه رکو، ها چاهيو ته غلام يٰسين ۽ غلام طٰهٰ رکي سگهو ٿا ◈جيڪي نالا برا هجن تن کي بدلائي سٺا نالا رکڻ گهرجن ڇوته پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ وارا پيارا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بري نالي کي سٺي نالي سان بدلائي ڇڏيندا هئا. هڪ عورت جو نالو عاصيه (يعني گنهگار) هو، رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندس نالو بدلائي جميله رکيو. (نوٽ: هڪ نالو آسيه به رکيو ويندو آهي، هيءُ سٺو نالو آهي، رکڻ ۾ ڪو حرج نه آهي) ◈اهڙا نالا رکڻ جائز نه آهن جيڪي غير مسلمن لاءِ مخصوص هجن ◈غلام رسول، غلام صديق، غلام حسين، غلام غوث، غلام رضا نالو رکڻ جائز آهي. (1)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

| | |
|---|---|
| رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو |
| عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول | آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو |

---

[1] ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:63-68ملتقطاً۔

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد